شمارو نمبر 6
ڊسمبر 2009

# راند روند ۾

## اچو تہ راند روند ۾ سکون



ٻارو ڪيئن آهيو! اسان هڪ ٻي مزيدار ڪهاڻي ۽ دلچسپ سرگرميون کڻي اوهان وٽ واپس آيا آهيون. اسين ڄاڻون ٿا تہ اوهان اسڪول ۽ پاڙي ۾ ڪوڙ سارا نوان دوست ڪيا هوندا. جڏهن اسان اسڪول ۾ هئاسين تہ اسان بہ مختلف دوست بڻايا هئا انهن مان ڪي ننڍا هئا تہ ڪي وڏا ۽ ڪي بنهہ هوشيار پر پنهنجي هر دوست کان اسان گهڻو ڪجهہ سکيو جنهن سبب اسان انهن دوستن ۾ اجا بہ مقبول آهيون.

## اسين سڀئي دوست آهيون

پيارا ٻارؤ!

اسان اوهان کي هن نئين شماري ۾ ڀيهر ڀليڪار ڪيون ٿا. اسان کي يقين آهي تہ اسان سڀني کي دوستن ۽ سندن دوستي جي لطف جو تجربو آهي. اسان جتي بہ ويندا آهيون تمام آساني سان دوست ٺاهي وٺندا آهيون. خبر اٿئو ڇو؟ ان ڪري جو بنا ڪنهن مت ڀيد / فرق جي هر ڪنهن جي عزت ڪندا آهيون ۽ هميشہ هڪ ٻئي جي دلچسپين تي ڌيان ڏيندا آهيون. اسان کي ٻارن ۽ ٻين ماڻهن ۾ انهن جي صورتن يا قابليتن يا ٻولي جي فرق جي بنياد تي پاڻ کان گهٽ يا مختلف سمجهڻ جو سبب نظر نٿو اچي، ان لاءِ تہ اسان سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي منفرد آهيون ۽ اها ئي ڳالهہ اسان کي خاص بڻائي ٿي. تہ اچو! اسان رابعہ ۽ احمد جي ڪهاڻي پڙهون ۽ ان مان ڪارائتو سبق پرايون.

### هن شماري ۾

- اچو تہ گڏجي کيڏون ...
- سرگرميون
  - نقطا ملايو
  - صحيح روين جي نشاندهي ڪيو
  - سڀني کان سٺو ڪير؟
- توهان جي ڄاڻ لاءِ ...

نوٽ: هن شماري ۾ گهٽي قدر معلومات ننڍن ٻارن ۽ ناخوانده والدين جي آسانيءَ لاءِ تصويرن جي ذريعي سمجهائي وئي آهي. پر ڪجهہ معلومات سمجهڻ لاءِ ٻارن کي استادن جي مدد ۽ رهنمائيءَ جي ضرورت پوندي.

هي شمارو آر سي سي _ اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ رائل نيندر ليند ايمبسي جي تعاون سان تيار ڪيو ويو.

طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

RCC Releasing Confidence & Creativity
AN EARLY CHILDHOOD DEVELOPMENT PROGRAM

# اچو تہ گڏجي کيڏون

1




هڪ ڏينهن گوشي سوچيو تہ چو نہ ٻاهر وڃي ڪجھ گجرن جو مزو وٺجي.

2





گوشيءَ گنگنايو ۽ ڪاڇو سندس ڪلهو ڪلهي سان ملايو ۽ ٻئي اڳتي وڌي ويا.

3




ائين هلندي ٻنهين جي اوچتو ڪجھ دوستن سان ملاقات ٿي وئي، جيڪي روڊ جي ڪناري تي کيڏي رهيا هئا. انهن گوشي کي دل سان ڀيڪاريو. گوشي وڏي اٽڪ سان راند کي ڏٺو جيڪا ٻار کيڏي رهيا هئا جنهن جي باري ۾ پڇڻ کان سواءِ ٻئي رهي نہ سگهيا!

4



گوشي پٿر کنيو تہ جيئن ان سان کيڏي تہ اچانڪ هڪ تمام ٿلهو ٻار ريحان انهن سڀني جي وچ ۾ اچي بيٺو ۽ حسرت ڀرين نگاهن سان کين کيڏندي ڏسڻ لڳو. يڪدم ماحول تبديل ٿي ويو. سڄو گروپ چپ ٿي ويو ۽ ان ٻار کي عجيب نظرن سان ڏسڻ لڳو.

5




جڏهن ريحان طرفان اتان وڃڻ جي ڪا به حرڪت نظر نه آئي ته احمد هڪ ننيڙو پٿر ڪٽي ڪيس اڇلي هنيو. اهو ٿلهو ٻار آهستگي سان پوئتي هٽيو. تنهن تي گروپ جي سيني ٻارن ان تي کلڻ ۽ ٺٺوليون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون.

6




ٻارن جون ڳالهيون ٻڌي ان ٿلهي ٻار کي تمام گهڻو ڏک پهتو.

7




گوشي ۽ ڪاچو اهو سڄو لقاءَ ڏسي رهيا هئا انهن کي پنهنجي اکين تي اعتبار نه پئي آيو ته ٻار اهڙي قسم جي اخلاق کان ڪريل حرڪت به ڪندا. رابعه ۽ ان جي ساٿين سندن هڪ به نه ٻڌي.

8





گوشي ڪجهه به نه چيو ۽ خاموشيءَ سان ريحان جي پرسان اچي بيٺو.

9




گوشي احتياط سان ٻار جي ڪلهي تي اهڙي طرح هٿ رکيو جو اهو ٻار پاڻ کي ٿورڙو پهرين کان بهتر محسوس ڪرڻ لڳو.

10




سيني ٻارن توجھ سان ٻڌو ۽ خاموشيءَ سان بيٺا رهيا، گوشي جا سيئي لفظ انهن جي دل کي لڳا، گوشي ٻارن کي اهو مشورو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو ٿلهو ٻار توهان کان مختلف ناهي پر اُن ٻار کي پاڻ سان راند ۾ شامل ڪرڻ سيني ٻارن لاءِ ڏکيو ٿي پيو هو.

11




ٻارن جون پاڻ ۾ سرگوشيون شروع ٿي ويون. احمد جا ڪن نئين ترڪيبن بابت ٻڌي کهڙا ٿي ويا. ان دوران توڙي جو سيئي ان ڳڻ تر ۾ هئا تہ ريحان جون اهي لڪيل خوبيون کهڙيون آهن.

12



ٻارن جي ان گروپ کي امن ۽ ڀائيچاري ۾ ڏسي گوشي ڪاڇو راند جي وچ مان ٻاهر آيا تہ جيئن هو پنهنجي ان مقصد کي پوري ٿيندي ڏسن جيڪو انهن هتي اچڻ کان پهرين سوچيو هو.

ٻارو! اميد تہ اوهان هاڻ ڄاڻي ويا هوندا تہ ڪنهن جي شڪل يا عادتن جي نتيجي ۾ هن تي چٽرون ۽ ٽوڪبازي ڪرڻ سٺي ڳالھ ناهي هوندي، ياد رکو! پاڻ سڀ هڪٻئي کان مختلف آهيون ۽ منفرد پڻ..

## پهرين سرگرمي


# نقطا ملايو ۽ معذور ٻار جي مدد ڪيو.



هڪ معذور ٻار پنهنجي دوست جي مدد سان بس مان لهي رهيو آهي

## ٽين سرگرمي

هيٺ ڏنل خانن مان انهن تي گول دائرو لڳايو جنهن مناسب سرگرميءَ ۾ توهانجو دوست بهتر انداز ۾ حصو وٺي سگهي ٿو.



# اوھان جي چاڻ جي لاءِ




## تعصب جي ناپسنديدگيءَ سان پيٽ ڪيئن ڪجي...

تعصب يا ساڙ، ڪنھن ماڻھوءِ يا گروہ متعلق بغير ڄاڻڻ جي راءِ قائم ڪرڻ کي چئبو آھي، جڏھن تہ نا پسنديدگي ڪنھن خاص فرد متعلق تجربي يا ڄاڻ جي بنياد تي رويي جو نالو آھي.

## ماڻھو ٻين بابت ﻫ اڪيائي يا بد شد چو ٿو ڳالھائي

ماڻھو ﻫ اڪيائي ڪري ٿو چو تہ ھو ڪن خاص ماڻھن متعلق بغير ڄاڻڻ جي راءِ قائم ڪري ٿو ۽ ساڳئي ريت الزام تراشي ڪري ٿو، اھو سمجھڻ ضروري آھي ھر ماڻھو جداگانہ شخصيت رکي ٿو سو اِن جو مقصد اھو ناھي تہ ڪنھن کي ڏڪائجي يا گھٽ ڪجي. جڏھن توھان وڏا ٿيندؤ توھان ماڻھن جي عزت ڪندؤ چاھي اُھي ڪير ﻫ ھجن ۽ ڪھڙي ﻫ راءِ جا مالڪ ھجن.

## جيڪي نٿا ھلي سگھن، ماڻھو انھن کي عجيب نظرن سان ڇو ٿا ڏسن ..؟

اسان کي احساس ھجڻ گھرجي تہ انسان مختلف صلاحيتن جا ھوندا آھن، اُھي اسان کي عجيب نظر اچن ٿا ائين ئي اسين ﻫ انھن کي. اسين پنھنجو پاڻ کي عجيب نہ ٿا لڳون چو تہ اسين پنھنجي پاڻ سان مانوس آھيون، ضرورت اِن ڳالھ جي آھي ڪو ﻫ ماڻھو ڪيئن ﻫ نظر اچي، ھلي يا ڳالھائي اُن کي نہ تہ نظر انداز ڪجي نہ ئي مٺس ڪلجي.

## منھنجو ھن کي گاريون ڏيڻ مقصد ڪو نہ ھو..

اھو چوڻ صحيح ناھي تہ توھان کي اھي ماڻھو پسند يا نا پسند آھن جن کي توھان سڃاڻو ٿا، جيڪڏھن توھان کي ڪنھن متعلق ڄاڻ ناھي تہ توھان جو اُن کي چاھڻ يا نہ چاھڻ ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي، جيڪر توھان اُن ماڻھوءَ سان پنھنجي ناپسنديدگيءَ جو ڪاڻنس اظھار ڪريو تہ اُن ماڻھوءَ کي پنھنجي پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ ۾ مدد حاصل ٿيندي ۽ پنھنجو رويو تبديل ڪندو، پر توھان اُن سان ﻫ اڪيائي/ساڙ/تعصب ڪرڻ جو ﻫ حق ناھي. ڪجھ ٻار اھڙا ھوندا آھن جن سان توھان ڪيڏڻ پسند نہ ڪندا ھوندا پر سندس رنگ، نسل، ذات پات ۽ ڏيک ويک جو توھان جي اِن ناپسنديدگيءَ سان ڪو ﻫ تعلق نہ ھجڻ گھرجي.

## پنھنجي راءِ کان اسان کي آگاہ ڪريو

اسان ھن شماري جي پڙھندڙن جي راءِ جو انتظار ڪنداسين ۽ خاص ڪري اسانکي اوسيئڙو رھندو پنھنجن ننڍڙن پڙھندڙن جو. توھان اسانکي نئين ايندڙ شماري لاءِ ڪھاڻيون يا پنھنجي ٺاھيل ڪنھن تصوير کي ھيٺ ڏنل ائڊريس تي موڪلي سگھو ٿا :


سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪھڪشان ڪلفٽن 5، ڪراچي 75600 پاڪستان
اِي ميل: info@ecdpak.com



ھي شمارو آر سي سي _ اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ رائل نيندر لينڊ ايمبسي جي تعاون سان تيارڪيو ويو.
طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
RCC Releasing Confidence & Creativity
AN EARLY CHILDHOOD DEVELOPMENT PROGRAM